مهراڻ سيريز

نئين نصاب مطابق

مهراڻ

# درسي
# سنڌي ڪتاب

انين ڪلاس لاءِ

## ۽ ورڪ بُڪ

سنڌي گرامر ۽ ڪمپوزيشن سان گڏ


ليکڪ

شيخ نديم تصور

M.A (Sindhi), M.A (Eco:), M.Ed.



زمزم سائنس پبليڪيشنز ڪراچي ®

SCIENCE PUBLICATIONS

# انتباھ

ھن ڪتاب جا مڪمل حق پبلشر وٽ محفوظ آھن.
ھن ڪتاب جي ڪنھن بہ حصي جي مڪمل طور تي جزوي لحاظ سان نقل ڪرڻ واري جي خلاف ڪاپي رائيٽ ايڪٽ تحت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي.

ناشر

زمزم سائنس پبليڪيشنز ڪراچي®
ٽريڊ مارڪ (مھراڻ سيريز) رجسٽرڊ

قانوني مشير

ذوالفقار علي شيخ

| | |
|---|---|
| ڪتاب | مھراڻ سنڌي درسي ڪتاب |
| ليکڪ | شيخ نديم تصور M.A (Sindhi), M.A (Eco:), M.Ed: |
| معاون | وڪيلہ گل M.A (Sindhi), B.Ed: |
| ڪمپوزنگ | عمران ميراڻي ۽ عديل احمد دايو |
| ڊزائيننگ | آصف ڪمپوزرس لڪي |
| پبلشرز | زمزم سائنس پبليڪيشنز |

## اسٽاڪسٽ

نيو مھراڻ بُڪ اسٽور — نم جي چاڙھي سکر — 071-5626093

مھراڻ بُڪ سينٽر — شاھي بازار سکر — 071-5624790, 071-5627774

سنڌ جي ھر ننڍي وڏي شھر جي سيني دڪانن تي بارعايت دستياب آھي.

# فهرست



| سبق | عنوان | نمبر |
|---|---|---|
| 01 | حمد (بيت) | 05 |
| 02 | پاڻ سڳورن ﷺ جن جي سيرت | 09 |
| 03 | نعت | 14 |
| 04 | حضرت بي بي زينب رضي الله تعاليٰ عنها | 18 |
| 05 | پورهيت پچار | 23 |
| 06 | سَچُ تہ بيٺو نَچُ | 27 |
| 07 | سوپارو ساٿيھ | 31 |
| 08 | ماحوليات | 35 |
| 09 | شهري بچاءَ جي سکيا | 40 |
| 10 | سهائي راتڙي (بيت) | 45 |
| 11 | معدني وسيلا | 49 |
| 12 | شهيد الله بخش سومرو | 53 |
| 13 | چين جي عظيم ديوار | 57 |
| 14 | پُتلين جو تماشو (بيت) | 60 |
| 15 | افرادي قوت | 63 |
| 16 | هُنرمندي | 67 |
| 17 | وڏنڊڙ آبادي | 72 |
| 18 | پورهيت جي عزت | 76 |
| 19 | حق جي ڳولا | 80 |
| 20 | سگهڙ عورت | 84 |
| 21 | هنر دولت آهي | 88 |

# فهرست


| سبق | عنوان | نمبر |
| --- | --- | --- |
| 22 | ٻڍايون سُک جو ڪو سنسار (بيت) | 92 |
| 23 | ايمان، اتحاد ۽ تنظيم | 96 |
| 24 | اسلامي جمهوريه ايران | 100 |
| 25 | وطن جي حب (بيت) | 105 |
| 26 | شهريءَ جا فرض | 109 |
| 27 | روم شهر ۾ (سفرنامو) | 113 |
| 28 | ريدار | 117 |
| 29 | بادل ٻوڙو (بيت) | 121 |
| 30 | سنڌي ادب جي مختصر تاريخ | 124 |
| 31 | مهمان نوازي | 130 |
| 32 | بادشاهه ۽ مسخري جي ڳالهه (بيت) | 134 |
| 33 | بالغن جي تعليم | 140 |
| 34 | انسانيت | 144 |
| 35 | همت ۽ مردانگي (بيت) | 150 |

سبق 1

# حمد



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| هيڪڙو | هڪڙو، اڪيلو | | |
| وائي | پچار، ڳالھ | | |
| تن | من | | |
| تند | نس | | |
| تنوار | بولڻ، سڏ | | |
| سپرين | دوست، محبوب | وحده | هو، اڪيلو |
| سڄڻ | دوست | ورسيا | ڀٽڪيا، وڇڙيا |
| پساھ | ساھ | لاشريڪ لہ | جنهن جو ڪو شريڪ نہ هجي |
| ٻيائي | ڪوڙ، ڪوٽ | گهٽ | اندر، هنئون |

## بيتن جي سمجهاڻي

او آقا! تنهنجي ڪرشمي سازي، سويرو سج مان ڦُٽي رهيو آ،
او لوڪو! اپ ڏي نظر تہ ڦيريو، شعاع نند مان اٿي رهيو آ.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر عبدالغفار ”تبسم“ چوي ٿو تہ اي منهنجا مالڪ سائين! اهو تنهنجو ڪرشمو آهي، جو صبح جو پيارو منظر سج منجهان نڪري رهيو آهي. اي انسانؤ! آسمان ڏانهن نظر تہ ڪري ڏسو، تہ سج جا ڪرڻا ڪيئن نند مان اٿي، اچي رهيا آهن.

اونداھ وادين جي دلدلن مان، سموري شب جو سفر لتاڙيون،
پهاڙ، ٽڪريون،جهڙاليون ڪڪريون،اڪاريون سورج وري رهيو آ.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر عبدالغفار ”تبسم“ چوي ٿو تہ سڄي رات

اونداهين ۾ سفر ڪندو، پهاڙ، ٽڪريون، جهڙاليون ڪڪريون پار ڪري سج وري مٿي رهيو آهي.

مَنهن، چنن، چؤڏڱن يا چؤنرن، ٽڙن تي ٽڙڪي جو پهريون پاڇو،
ننگر، اتر، لاڙ، ڪاڇي وارو، ذرو ذرو واسجي رهيو آ.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر عبدالغفار ”تبسم“ چوي ٿو ته صبح جي وقت جو سج جو پهريون پاڇو مَنهن،جهوپڙين، چؤڏڱن تي پئجي رهيو آهي. ننگر،اتر،لاڙ،ڪاڇي جو ذرو ذرو هن منظر سان واسجي رهيو آهي.

واهيري جي ور چڙيون پکيئڙا نه ڄاڻان ڪنهن پر اُڏار ڪن ٿا،
تنهنجي آذر تي چڙيون پکن ڪي، وڳر اتاهون وجي رهيو آ.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر عبدالغفار ”تبسم“ چوي ٿو ته الله سائين پکي پنهنجن پکڙن، گهرن ڪي تنهنجي آسري چڙي خبر ناهي ڪيڏانهن ڪيڏانهن اڏامندا وڃن ٿا، جيئن پنهنجي ٻچڙن جي خوراڪ جو بندوبست ڪري سگهن.

گلابي، ناسي، نيرن رنگن سان، نفيس غنچن جون سبز ٻاريون،
ڪلين جو جوڀن ڪيارين مان، ليئاڪيون لامون لُڏي رهيو آ.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر عبدالغفار ”تبسم“ چوي ٿو ته رنگارنگي ۽ نازڪ غنچن جون ٻاريون ڪيڏيون نه پياريون آهن! ۽ ڪلين جي جواني اپري رهي آهي.

وشال ساگر ۽ آبشارن جي تيز لهرن تي روپا ڪرڻا،
شفاف جهرڻن جي وهڪرن جو، ربابُ ”تبسم“ وڄي رهيو آ.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر عبدالغفار ”تبسم“ چوي ٿو ته هيڏي وڏي سمنڊ ۽ پهاڙن تان ڪرندڙ پاڻيءَ جي تيز لهرن تي ڪرندڙ ڪرڻن جو منظر ڪيڏو پيارو آهي. صاف شفاف جهرڻن جي وهڪرن جو آواز ڄڻ ته رباب جي ساز وانگر لڳي پيو.

# مشق

## ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. هن نظم جو شاعر ڪير آهي؟

ج. هن نظم جو شاعر ” عبدالغفار تبسم“ آهي.

2. شاعر هن نظم جي پهرين سٽ ۾ ڪنهن سان مخاطب آهي؟

ج. شاعر هن نظم جي پهرين سٽ ۾ اَللہ تعاليٰ سان مخاطب آهي.

## ب هيٺيان خال پُريو:

1. او آقا! تنهنجي ڪرشمي سازي، ___سويرو___ سج مان ڦٽي رهيو آ
2. او لوڪو! اپ ڏي نظر تہ ڦيريو ___شعاع___ نند مان اٿي رهيو آ
3. واهيري جي ور چڙيون ___پکيئڙا___ نہ جاڳان ڪنهن پر اُڏار ڪن تا
4. تنهنجي ___آڏر___ تي چڙيون پکن ڪي وڳر اتانهون وجي رهيو آ

## ج هيٺين لفظن جا جمع لکو.

| جمع | واحد | جمع | واحد |
|---|---|---|---|
| لهرون | لَهر | واديون | وادي |
| ٽڪريون | ٽڪري | ڪڪريون | ڪَڪري |
| وهڪرا | وهڪرو | پاڇا | پاڇو |

## د لفظن جي معنيٰ لکيءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| سويرو | صبح جو وقت |

جملو: فجر کان پوءِ سويرو ٿيڻ لڳندو آهي.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| لوڪو | انسانؤ |

جملو: اولوڪو! صرف ءِ صرف اَللہ تعاليٰ جي عبادت ڪريو.

| | |
|---|---|
| اُڀ | آسمان |
| جملو | اُڀ جو رنگ هلڪو نيرو ٿيندو آهي. |
| شعاع | ڪرڻا |
| جملو | صبح جو سوير سج جا شعاع سنا لڳندا آهن. |
| شب | رات |
| جملو | شب معراج 27 رجب تي هوندي آهي. |
| ساگر | سمنڊ |
| جملو | ساگر جون لهرون مستيءَ ۾ آهن. |



سبق 2

# پاڻ سڳورن ﷺ جن جي سيرت

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| هدايت | رهنمائي | | |
| سيرت | صفت/ اخلاق | | |
| عظيم | اعليٰ | نمونو | مثال، قسم |
| وات | رستو | تحمل | سَهپ، صَبر |
| پهلو | پاسو | رسايو | پهچايو |
| عفو | بخشش | هيبت | خوف |
| اعليٰ | عظيم | درگذر | معاف ڪرڻ |
| سڪون | آرام | ميار | مهڻو ڏيڻ |
| | پيڇو ڪرڻ | پويان لڳڻ | |

### سبق جو خلاصو

اسان جي پياري پيغمبر حضرت محمدﷺ جن جا اخلاق مبارڪ اعليٰ آهن. پاڻ سڳورنﷺ جي اخلاق مبارڪ لاءِ قرآن شريف ۾ آيل آهي ته ”بيشڪ! اوهين اخلاق جي وڏي مرتبي تي آهيو“. هن دنيا ۾ صاف ۽ سٺي زندگي گذارڻ لاءِ انسان کي سمجهايو ويو آهي ته هو پاڻ سڳورن ﷺ جي ٻڌايل وات تي هلي، ان ۾ ئي سندس ڪاميابي آهي. پاڻ ﷺ جي ٻڌايل وات تي اصحابن عمل ڪيو ته وڏي اخلاق جا مالڪ بڻجي ويا.

پاڻ سڳورنﷺ جي زندگي مبارڪ جي ڪنهن به پهلوءَ ڏانهن ڏسبو، ته اهو نور جي مناري وانگر چٽو ۽ چمڪندڙ نظر ايندو. سندس

تحمل، برداري، عفو ۽ درگذر جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي! جو جڏهن دشمن بدخواهي ڪندا هئا ته پاڻ سڳوراﷺ موٽ ۾ ان جي خيرخواهي ڪندا هئا. جيڪي ماڻهو ڪين گهٽ وڌ ڳالهائيندا هئا ، ته پاڻ سڳوراﷺ انهن جي ڀلائيءَ لاءِ دعا گهرندا هئا. ڪافرن، حضورﷺ جن کي ڏاڍيون تڪليفون ڏنيون، مگر ڪنهن ڪان به ڪڏهن بدلو نه ورتائون، پر معاف ڪري ڇڏيائون. اِنهيءَ اعليٰ اخلاق جي ڪري ڪيترائي ڪافر مسلمان ٿي ويا. جڏهن اسلام جي تبليغ لاءِ طائف ويا، ته اتان جي ماڻهن ساڻن ناروا سلوڪ ڪيو. پاڻ سڳورنﷺ جون ڀليون ڳالهيون ته ڪونه ٻڌائون، پر اُلٽو طائف جي بدمعاش ڇوڪرن کي هُشي ڏيئي پٺيان لڳائي ڇڏيائون، جن الله جي رسولﷺ کي ڏاڍو تنگ ڪيو ۽ ايترا پٿر هنيا، جو سندن جسم مبارڪ رتورت ٿي ويو. ايستائين جو سندن جُتي مبارڪ رت سان ڀرجي ويئي. أتي جبرائيل عليہ السلام جبلن جي فرشتي سان گڏ آيو ۽ پاڻ سڳورنﷺ کي عرض ڪيائون ته جيڪڏهن اجازت ڏيو ته آئون جبلن کي ملائي ۽ ڪين اٽي وانگر پيهي ڇڏيان. پاڻ سڳورنﷺ ڪيس ائين ڪرڻ کان روڪيو ۽ فرمايائون ته ”آئون ماڻهن کي برباد ڪرڻ ڪونه آيو آهيان، پر ماڻهن لاءِ رحمت ٿي آيو آهيان. هي ڀلي نه مڃين، پر مون کي اميد آهي، ته الله سائين هنن جو اينڌڙ نسل اهڙو پيدا ڪندو، جيڪو هڪ الله جي عبادت ڪندو ۽ ساڻس ڪنهن کي شريڪ نه ڪندو“.

مڪي جي ڪافرن ته ظلم جي حد ڪري ڇڏي. نيٺ پاڻ سڳوراﷺ الله جي حڪم سان پنهنجو شهر ڇڏي، مديني شريف ڏانهن هجرت ڪرڻ لاءِ روانا ٿيا.

انين هجريءَ ۾ مڪو فتح ٿيو ۽ پاڻ سڳوراﷺ فاتح جي حيثيت سان مڪي شريف ۾ داخل ٿيا ته مڪي جي ڪافرن کي اچي ڊپ ورتو ته متان اڄ حضرت محمدﷺ ڪانئن بدلو وٺن ۽ انهن کي سندن ڪُڌن ڪرتوتن جي سزا ڏين، مگر اهڙي موقعي تي رحمتہ اللعالمين اعلان ڪيو

تہ اڄ اوهان تي ڪا ميار ڪانهي! وڃو سڀ آزاد آهيو! ائين چئي، عام معافيءَ جو اعلان ڪيائون.

* **هن سبق مان پاڻ سڳورن ﷺ جي سيرت تي مختصر نوٽ لکو:**

جواب: الله تعاليٰ انسان ذات جي هدايت ۽ رهنمائيءَ لاءِ ڪيترائي پيغمبر موڪليا. سيئي نبي سڳورا معصوم ۽ سهڻي سيرت جا مالڪ هئا. اسان جو پيارو نبي حضرت محمد ﷺ جيئن تہ سيني نبين جا سردار آهن، تنهنڪري کين سڄي عالم جو نبي ڪري موڪليو ويو. سندن اخلاق مبارڪ بہ اعليٰ آهن. پاڻ سڳورن ﷺ جي پيروي ڪرڻ سان انسان ڪامياب ۽ سهڻي زندگي گذاري سگهي ٿو.

پاڻ سڳورن ﷺ جي زندگي مبارڪ جو هر پهلو نور جي مناري وانگر چٽو ۽ چمڪندڙ نظر اچي ٿو. سندن تحمل، بردباري، عفو ۽ درگذر جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي! جو جڏهن دشمن بدخواهي ڪندا هئا تہ پاڻ سڳورا ﷺ ان جي موٽ ۾ خيرخواهي ڪندا هئا. جيڪي ماڻهو کين گهٽ وڌ ڳالهائيندا هئا، تہ پاڻ سڳورا ﷺ انهن جي ڀلائيءَ جي دعا گهرندا هئا. ڪافرن کين ڏاڍيون تڪليفون ڏنيون، پر ڪڏهن بہ کنهن کان بدلو نہ ورتائون، پر معاف ڪري ڇڏيائون. سندن سهڻي اخلاق جي ڪري ڪيترن ئي ڪافرن اسلام قبول ڪيو.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. پاڻ سڳورن ﷺ جي اخلاق بابت قرآن شريف ۾ ڇا فرمايو ويو آهي؟

ج: پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن جي اخلاق بابت قرآن شريف ۾ فرمايو ويو آهي تہ ”بيشڪ اوهين اخلاق جي وڏي مرتبي تي آهيو“.

2. پاڻ سڳورن ﷺ جي مکي فتح ڪرڻ ڪانپوءِ اتان جا ڪافر ڇو ڊڄڻ لڳا؟
ج. پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جي مکي فتح ڪرڻ کان پوءِ اُتان جا ڪافر ڊڄڻ لڳا ته متان حضور اڪرم صلي الله عليه وآلهٖ وسلم ڪانئن بدلو وٺن.

3. مکي جي فتح وقت پاڻ سڳورن ﷺ ڪهڙو اعلان ڪيو؟
ج. مکي جي فتح وقت پاڻ سڳور صلي الله عليه وآلهٖ وسلم اهو اعلان ڪيو ته اَڄ اُوهان تي ڪابه ميار ڪانهي! ”وڃو سڀ آزاد آهيو!“

4. پاڻ سڳورن ﷺ جن جي سيرت مبارڪ مان اسان کي ڪهڙو سبق ملي ٿو؟
پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآلهٖ وسلمجن جي سيرت مبارڪ مان اَسان کي اهو سبق ملي ٿو ته اَسان به پنهنجا اخلاق سنواريون.

## ب. هيٺيان خال ڀريو:

1. الله تعاليٰ اسان انسانن جي ___هدايت___ لاءِ ڪيترائي پيغمبر موڪليا.
2. سيئي ___پيغمبر___ معصوم ۽ سهڻي سيرت وارا هئا.
3. اهڙي اعليٰ اخلاق سبب ڪيترائي ڪافر ___مسلمان___ ٿيا.
4. اجان وڏيڪ ويجهو اچڻ لڳو ته ___گهوڙي___ جون ڄنگهون زمين اندر وڃڻ لڳيون.
5. رحمة اللعالمين هر دفعي ڪيس ___معاف___ ڪري ڇڏيو.

## ج. هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| مالڪ | نوڪر | فتح | شڪست |
| خراب | سٺو | سزا | جزا |
| ناڪام | ڪامياب | آخري | پهريون |

## د لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| درگذر | معافي |
| جملو | پاڻ سڳورا صلي الله عليه وآلهٖ وسلم هميشه غلطين کي درگذرڪندا هئا. |
| سيرت | اخلاق |
| جملو | پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جي سيرت ۾ اسان سيني لاءِ اعليٰ مثال موجود آهي. |
| هدايت | رهنمائي |
| جملو | اَسان سيني کي گهرجي ته بزرگن جي هدايت تي عمل ڪريون. |
| پيروي | پوئدگي |
| جملو | اَسان کي پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جي پيروي ڪرڻ ڪپي. |
| واٽ | رستو |
| جملو | اَسان کي پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جي ڏسيل واٽ تي هلڻ ڪپي. |
| صفت | گُڻ، خوبي |
| جملو | سٺو اخلاق هجڻ هڪ اعليٰ صفت آهي. |

## ر هن سبق مان پاڻ سڳورن ﷺ جي سيرت تي مختصر مضمون لکو.

اَللهَ تعاليٰ اَسان انسانن جي هدايت لاءِ ڪيترائي پيغمبر موڪليا. اَسان جي پياري پيغمبر حضرت محمد صلي الله عليه وآلهٖ وسلم کي سڄي عالم جو نبي ڪري موڪليو ويو. پاڻ سڳورا صلي الله عليه وآلهٖ وسلم معصوم ۽ سُهڻي سيرت وارا هئا. پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جن جا عظيم اخلاق مبارڪ آهن. قرآن پاڪ ۾ فرمايل آهي ته ”بيشڪ اَوهين اخلاق جي وڏي مرتبي تي آهيو.“ سندن صبر، تحمل، بردباري، عفو ۽ درگذر جي ڇا ڳالهه ڪجي! دشمنن سان به پاڻ سڳورا صلي الله عليه وآلهٖ وسلم سدائين ڀلائي ڪندا هئا. هن دنيا ۾ ڪامياب ۽ سٺي زندگي گذارڻ لاءِ اَسان کي سمجهايو ويو آهي ته پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جي ڏسيل واٽ تي هلڻ گهرجي.

سبق 3

# نعت

## ڏکين لفظن جي معنيٰ



| معنيٰ | لفظ | معنيٰ | لفظ |
|---|---|---|---|
| | | تمام گهڻو ڌيان | ڪمال فڪر |
| | | وڏائي، بزرگي | عظمت |
| | | ساراهه ڪرڻ | مدحت سرائي |
| | | دانائي | حڪمت |
| | | چٽو ظاهر | مظهر |
| | | سو ڀيرا | صد بار |
| ظهور، ظاهر ڪرڻ | رونمائي | آرائش، خوبصورتي | زينت |
| رحمت هجي | صلي عليٰ | بخشش، مال دولت | نعمت |
| ويجهڙائپ، نزديڪي | قرب | شوق | ذوق |

## بيتن جي سمجهاڻي

محمدﷺ مليو انتظاري ختم ٿي،

زماني جي جڻ بيقراري ختم ٿي.

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو ته جڏهن پاڻ سڳورا هن دنيا ۾ آيا، ته جڻ ائين لڳو ته هن زماني جي بي چيني ختم ٿي وئي.

محمدﷺ جي آئي بهاريون ويون ٿي،

ڪُپت، بغض ۽ سرءُ ساري ختم ٿي.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو ته پاڻ سڳوراﷺ جڏهن هن دنيا ۾ آيا، ته هر طرف خوشيون ئي خوشيون ٿي ويون ۽ ڪوڙ ۽ بغض ختم ٿي ويو.

هئي ڦهليل جڳ ۾ اونده ظلم جي،

آيو مصطفيٰ ﷺ، رات ڪاري ختم ٿي.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو ته پاڻ سڳورن ﷺ جي اچڻ کان پهريان هن دنيا ۾ رڳو اونده هئي ۽ سائينءَ جن جي اچڻ کان پوءِ هيءَ دنيا روشن ٿي وئي.

وڏيو پاڻ ۾ پيار عزت وڏي وئي،

ويون نفرتون ۽ بيزاري ختم ٿي.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو ته پاڻ سڳورن ﷺ جي اچڻ کان پهريان رڳو دنيا ۾ نفرتون هيون ۽ هر هڪ هڪٻئي کان بيزار هو، پر سائينءَ جن جي اچڻ کان پوءِ هرڪو هڪٻئي جي عزت ڪرڻ لڳو ۽ هر پاسي پيار ئي پيار پکڙجي ويو.

مليو دين ايمان احمد ﷺ جي صدقي،

زماني مان ساري عياري ختم ٿي.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو ته اسان کي پياري نبي حضرت محمد ﷺ جي صدقي پيارو دين اسلام مليو ۽ ٻيا نڳيءَ وارا هٿرادو دين ختم ٿي ويا.

ٻڌيو دين اسلام ڪامل ”تصور“،

ڪفر واري ڪاري ڪتاري ختم ٿي.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو ته اسان جو پيارو دين اسلام هڪ مڪمل دين آهي، جنهن ۾ ڪفر جي ڪائي گنجائش نه آهي.

# مشق

## ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. ڪنهن جي اچڻ سان زماني جي بيقراري ختم ٿي؟

ج: حضرت مُحمَّد صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جي اَچڻ سان زماني جي بيقراري ختم ٿي.

2. هن نعت ۾ ڪل ڪيترا شعر آهن؟

ج: هن نعت ۾ ڪل ڇهه شعر آهن.

## ب لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| جڳ | جهان |
| جملو | حضور اَڪرم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن جي اَچڻ سان هن جڳ ۾ روشني ٿي وئي. |
| بهاريون | خوشيون |
| جملو | حضرت محمّد صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن جي اَچڻ سان بهاريون لڳي ويون. |
| صدقي | معرفت |
| جملو | نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جي صدقي دين ۽ ايمان مليو آهي. |
| ڪامل | مڪمل |
| جملو | اسلام هڪ ڪامل دين آهي. |
| ڪُپت | ڪينو |
| جملو | حضور صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن جي اَچڻ سان دلين مان ڪُپت نڪري وئي. |

| بغض | ساڙ |
|---|---|
| جملو | مسلمان هڪٻئي سان بغض نہ رکندا آهن. |

## ج هيٺين لفظن جا جمع لکو.

| واحد | جمع | واحد | جمع |
|---|---|---|---|
| بيقراري | بيقراريون | عياري | عياريون |
| اونداهي | اونداهيون | رات | راتيون |
| نفرت | نفرتون | زمانو | زمانا |

سبق 4

# حضرت بي بي زينب رضي الله تعاليٰ عنها



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| نياڻي | ڌيءُ | | |
| تاريخ ساز | تاريخ ٺاهيندڙ | | |
| جرئت | همت، بهادري | | |
| امڙ | ماءُ | | |
| صدمي | ڏک | | |
| شوخين | چالاڪين، شرارتن | لاڏاڻي | وفات |
| ثابت قدمي | ارادي جي مضبوطي | پرورش | نيپاج |
| هٿ ونڊائي | مددگار ٿي | گڻ | صفت، خوبي |
| بيوسي | لاچاري، مجبوري | سهپ | برداشت |

## سبق جو خلاصو

حضرت بيبي زينب رضي الله عنها، نبي ڪريم ﷺ جن جي ڏوهٽي آهي. پاڻ حضرت علي ڪرم الله وجههٗ جي نياڻي ۽ حضرت امام حسن عليہ السلام ۽ حضرت امام حسين عليہ السلام جن جي ڀيڻ آهي. مسلمان عورتن ۾ حضرت بيبي زينب رضي الله عنها جي شخصيت هڪ تاريخ ساز حيثيت رکي ٿي. بيبي صاحبہ، حضرت امام حسين عليہ السلام جي شهادت جي موقعي تي هڪ اهم ڪردار ادا ڪيو. ڀيڻ جي حيثيت ۾ پاڻ جنهن جرئت ۽ بهادريءَ سان ذميواريون سنڀاليائين، ان جو مثال نٿو ملي، جيڪو قيامت تائين روشن رهندو.

حضرت بيبي زينب رضي الله عنها هجرت جي پنجين سال جمادي

الاول مهيني جي پنجين تاريخ تي، مديني ۾ پيدا ٿي. پاڻ حضرت امام حسين عليہ السلام کان هڪ سال ڄمار ۾ ننڍي هئي. حضورﷺ سندن نالو ”زينب“ رکيو.

بيبي صاحبہ اڃان پنجن سالن جي مس هئي تہ سندس سر تان امڙ جي ٻاجھہ جو هٿ هٽي ويو. ننڍڙي ٻارڙيءَ ان صدمي کي دل جي گهرائين سان محسوس ڪيو ۽ ننڍپڻ جي شرارتن ۽ شوخين بدران سنجيدگيءَ کي پنهنجي زندگيءَ جو حصو بڻائي ڇڏيو. ماءُ جي لاڏاٽي کان پوءِ پاڻ پنهنجي ڀيڻ ڀائرن جي سار سنڀال ۾ پنهنجي والد حضرت علي ڪرم الله وجههٗ جي مددگار رهي. زندگيءَ جي ڪنهن بہ موڙ تي ۽ مصيبت جي ڪنهن بہ وقت ۾ سندن مضبوط ارادي، ايمان ۽ ثابت قدميءَ ۾ ڪابہ گهٽتائي نہ آئي.

حضرت بيبي زينب رضي الله عنها جي شادي حضرت جعفر طيار رضي الله تعاليٰ عنہ جي فرزند حضرت عبدالله سان ٿي. بيبي صاحبہ رضہ شادي کان پوءِ بہ حضرت علي ڪرم الله وجههٗ وٽ ڪوفي ۾ رهي تہ جيئن ننڍن ڀيڻ ڀائرن جي پرورش ۾ والد جو هٿ ونڊائي سگهي ۽ سندن خدمت پڻ ڪري سگهي. حضرت علي ڪرم الله وجههٗ جي شهادت کان پوءِ بيبي صاحبہ رضہ مديني هلي آئي.

بيبي زينب رضہ پنهنجي والد حضرت علي ڪرم الله وجههٗ جن کان ڏاڍي متاثر هئي. دليري ۽ سچائيءَ جا گڻ ڪانئن حاصل ڪيائين. قدرت کيس انصاف ۽ بيباڪيءَ ۽ جرئت جي گڻن سان نوازيو هو، کيس قرآن پاڪ ۽ حديث تي عبور حاصل هو. عورتون پري پري کان وٽس علم حاصل ڪرڻ اينديون هيون. پاڻ کين ديني مسئلا سمجهائيندي هئي. علمي مرتبي جي ڪري کين ”عقيلہ بني هاشم“ يعني ”هاشمي خاندان جي عقلمند عورت“ سڏيو ويندو هو.

جڏهن ڪربلا جي واقعي ۾ حضرت امام حسين عليہ السلام ۾ سندن وفادار ساٿي شهيد ٿي ويا، تہ باقي ٻچيل عورتن ۽ ٻارن لاءِ انهيءَ ڏک، بيوسيءَ ۽ خوف جي گهڙين ۾ بيبي صاحبہ رضہ سندن سهارو بڻي. بيبي صاحبہ رضہ نہ رڳو وڏي صبر ۽ سهپ کان ڪم ورتو، پر لُٽيل قافلي جي اڳواڻي ڪندي، پنهنجون سموريون صلاحيتون پڻ ڪم آنديون.

ڪربلا جي ڏکويلن جو هي قافلو جڏهن يزيد جي دربار ۾ پهتو تہ حضرت زينب رضہ، يزيد جي سامهون جيڪا تقرير ڪئي، اها سندن بهادري، همت، ڏاهپ ۽ تدبر جو اعليٰ مثال آهي. سندن اها دليلن تي ٻڌل پُروقار تقرير تاريخ جي صفحن ۾ محفوظ آهي. بيبي صاحبہ رضہ 15 رجب 63 هجري ۾ 57 سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي.

## مشق

### ١ هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. حضرت بي بي زينب رضی اللہ تعالیٰ عنہا ڪنهن جي نياڻي هئي؟

ج: حضرت بي بي زينب رضي الله تعاليٰ عنها حضرت علي ڪرم الله وجهہ ۽ حضرت بي بي فاطمہ رضي الله تعاليٰ عنها جي نياڻي هئي.

2. حضرت بي بي زينب رضی اللہ تعالیٰ عنہا جو نالو ڪنهن رکيو؟

ج: حضرت بي بي زينب رضي الله تعاليٰ عنها جو نالو حضرت محمَّد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم جن رکيو.

3. حضرت بي بي زينب رضی اللہ تعالیٰ عنہا ڪنهن کان گهڻي متاثر هئي؟

ج: حضرت بي بي زينب رضي الله تعاليٰ عنها پنهنجي والد حضرت علي ڪرم الله وجهہ جن کان گهڻي متاثر هئي.

4. حضرت بي بي زينب رضی اللہ تعالیٰ عنہا يزيد جي دربار ۾ ڪيس مخطاب ٿي ڇا فرمايو؟

ج: حضرت بي بي زينب رضي الله تعاليٰ عنها يزيد جي دربار ۾

ڪيس مخاطب تي فرمايو تہ: ”الله جو قسم آئون اَللهُ ڪان سواءِ ڪنهن ڪان بہ نہ ٿي ڊڄان، ان ڪان سواءِ ٻئي جي آڏو شڪايت نہ ٿي ڪريان، پَرهي جيڪو ٽڪو تو پنهنجي دامن تي لڳايو آهي، اهو قيامت تائين نہ ڌوپندو.“

## ب هيٺيان خال ڀريو:

1. حضرت بي بي ____زينب____ رضی اللہ تعالٰی عنہا، حضرت امام علي ڪرم الله وجههٗ جي نياڻي آهي.
2. ڪربلا جي ____دردناڪ____ واقعي ڪانپوءِ بي بي صاحبہ رضي الله تعاليٰ عنها همت نہ هاري.
3. يزيد ____ظالم____ آڏو پاڻ بنان ڪنهن خوف جي حق جو ڪلمو ادا ڪيائين.
4. اي ڪوفي وارؤ! توهان پنهنجا ____واعدا____ ٽوڙي ڇڏيا، توهان پنهنجي آخرت خراب ڪري ڇڏي.
5. بي بي صاحبہ رضی اللہ تعالٰی عنہا 15 رجب ____57____ سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪئي.

## ج هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| ڏکن | سکن | دوست | دشمن |
| اُلفت | نفرت | سگھارو | ڪمزور |
| نيڪ | بد | سنوارڻ | بگاڙڻ |

## د هيٺين لفظن جا جمع لکو.

| واحد | جمع | واحد | جمع |
|---|---|---|---|
| ڪاپي | ڪاپيون | عورت | عورتون |

| | | | |
|---|---|---|---|
| حديث | حديثون | تقرير | تقريرون |
| مشڪل | مشڪلون | شيءِ | شيون |

ر لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| وفات | مري وڃڻ |
| جملو | حضرت بي بي زينب رضي الله تعاليٰ عنها 15 رجب تي وفات ڪئي. |
| صدمو | ڏک |
| جملو | حضرت بي بي زينب رضي الله تعاليٰ عنها کي حضرت امام حسين رضہ جي شهادت جو صدمو رسيو. |
| ڏاهپ | سياڻپ |
| جملو | حضرت بي بي زينب رضي الله تعاليٰ عنها جي تقرير ڏاهپ ۽ تدبر جو اعليٰ مثال آهي. |
| عقيلہ | عقلمند |
| جملو | حضرت بي بي زينب رضي الله تعاليٰ عنها کي ”عقيلہ“ جو لقب ڏنو ويو. |
| عذاب | ڏمر |
| جملو | حضرت بي بي زينب رضي الله تعاليٰ عنها ڪوفين کي چيو تہ هاڻي اَلله تعاليٰ جي عذاب کان ڊڄو. |

سبق 5

# پورهيت پچار



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| بيڪار | نڪمو | عطا ڪيا | ڏنا |
| ڏوڪڙ | پئسا | پورهيت | مزدور |
| عاليشان | وڏي شان وارو | طعام | کاڌا |
| واپرائيندا | استعمال ڪندا | ڪمي | کوٽ |
| ڪاسبين | هُنرمندن | پرواهه | فڪر |
| اجورو | قيمت | سهائتا | مدد |
| محسن | احسان ڪندڙ | مان | مرتبو |

## سبق جو خلاصو

الله سائينءَ انسان کي ڏسڻ لاءِ اکيون ڏنيون آهن، گھمڻ لاءِ پير ڏنا آهن، سوچڻ لاءِ ذهن ڏنو آهي ۽ ڪم ڪرڻ لاءِ ٻه هٿ ڏنا آهن. انسان پنهنجي ٻنهي هٿن سان ڪيترائي ننڍا وڏا ڪم ڪري ٿو. انهن ئي هٿن سان جڏهن ڪو ماڻهو نه رڳو پنهنجي لاءِ پر ٻين ماڻهن جي سک ۽ آرام لاءِ ڪم ڪري ٿو ته ان کي ”هٿ جو پورهيو“ سڏيو ويندو آهي ۽ هٿ جي

پورهئي ڪندڙ کي پورهيت چيو وڃي ٿو. هي هاري، ناري، مزدور، واڍا، ڪوري، موچي، لوهار، ڪنڀار وغيره سڀ هٿ جو پورهيو ڪندا آهن. اهي ٻين انسانن جي سک ۽ آسائش لاءِ پاڻ پتوڙيندا آهن. اسان کي اهڙن پورهيتن جو قدر ڪرڻ گهرجي. سچ ته اهو آهي ته اهي پورهيت هٿ جو پورهيو ڪري، حق حلال جي روزي ڪمائين ٿا. ساڳئي وقت اهي ٻين انسانن لاءِ زندگيءَ جون سهولتون به مهياڪن ٿا.

توهان ڪڏهن رستي تي ڪنهن مزدور کي پٿر ڪُٽيندي ڏٺو آهي، نتهڻ اُس توڙي سخت سيءَ ۾ به هوپنهنجي ڪم ۾ رُڌل هوندو آهي. جڏهن اهو رستو جُڙي راس ٿي ويندو آهي، تڏهن سيني انسانن لاءِ ڪيڏو نہ سک ٿي پوندو آهي.

توهان ڪڏهن ماني کائيندي اهو سوچيو آهي ته اها ماني اوهان جي دسترخوان تائين ڪيئن پهتي آهي؟ ائين تڏهن ٿي سگهيو آهي، جڏهن هارين، نارين، ڪمين ڪاسبين ۽ ٻين ڪيترن پورهيتن رات جا اوجاڳا ڪڍي، ان، ٻاڄيون اُپايا. اسان کي سک پهچائڻ لاءِ ڪنهن به تڪليف جي پرواهہ نہ ڪئي. سچ پچ ته اسان کي انهن پورهيتن جي عزت ڪرڻ گهرجي.

اسان انهن پورهيتن جي ڪيترن ئي طريقن سان مدد ڪري سگهون ٿا، مثال: اسين جيترو انهن کي اجورو ڏيون ٿا، اوترو ئي انهن کان ڪم وٺون ۽ انهن جي مزدوري سندن پگهر سُڪڻ کان اڳي ئي ادا ڪريون. اسان جا پيارا نبي ﷺ سڄي انسان ذات جا محسن آهن. پاڻ سڳورن ﷺ وٽ پورهيت جو وڏو مان هوندو هو. سندن ارشاد مبارڪ آهي ته ”پورهيت الله جو دوست آهي“.

پاڻ سڳورن ﷺ نہ رڳو اهو ارشاد فرمايو آهي، پر پاڻ سڳورن ﷺ ان تي عمل به ڪيو آهي. نبي ڪريم ﷺ پنهنجي جتيءَ جو ڳنڍ ٽوپو

پنهنجي مبارڪ هٿن سان ڪندا هئا. پاڻ سڳورن ﷺ ٻين اصحابن سان گڏجي ڪاهي ۾ ڪوٽي آهي ته پٿر ۾ ڍوئيا آهن. حضور ڪريم ﷺ جن جي انهيءَ عمل سان نه رڳو پنهنجي اُمت، پر پوري انسان ذات کي اهو درس ڏنو آهي ته هٿ جي پورهئي کان ڪڏهن به عار نه ڪرڻ گهرجي، بلڪ فخر ڪرڻ گهرجي.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. اسان لاءِ اَن، ڀاڄيون ۽ ميوا ڪنهن اُپايا آهن؟
اَسان لاءِ اَن، ڀاڄيون ۽ ميوا پورهيتن اُپايا آهن.

2. پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآلہٖ وسلم جو پورهيت لاءِ ڪهڙو ارشاد آهي؟
ج: پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جو پورهيت لاءِ ارشاد مبارڪ آهي ته: ”پورهيت اَلله جو دوست آهي“.

3. اسان پورهيت جي ڪهڙي طرح مدد ڪري سگهون ٿا؟
ج: اَسان پورهيت جي رهائش ۽ علاج جون سهولتون مهيا ڪرڻ ذريعي ۽ ڪنهن اتفاقي حادثي سبب پورهيت جي گهر وارن جي سهائتا ذريعي مدد ڪري سگهون ٿا ۽ مزدور کي مزدوري پگهر سڪڻ کان پهريان ڏئي ڪري به مدد ڪري سگهون ٿا.

4. اسان جن گهرن ۾ آرام سان رهون ٿا، اهي ڪنهن ٺاهيا آهن؟
ج: اَسان جن گهرن ۾ آرام سان رهون ٿا، اُهي رازن ۽ مزدورن ٺاهيا آهن.

### ب هيٺيان خال ڀريو:

1. سچ پچ ته اسان کي انهن پورهيتن جي ___عزت___ ڪرڻ گهرجي.
2. پورهيت الله تعاليٰ جو ___دوست___ آهي.

3. پاڻ سڳورا ﷺ سڄي انسان ذات جا ___محسن___ آهن.

4. اسان جن ___گهرن___ ۾ رهون ٿا، اهي به رازن ۽ مزدورن ٺاهيا آهن.

## ج هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| ڏک | سک | سچ | ڪوڙ |
| روشني | اونداهي | اونهارو | سيارو |
| حيوان | انسان | هٿ | پير |

## د لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| ڏوڪڙ | پئسا |
| جملو | مزدور سڄو ڏينهن پنهنجو پگهر وهائي ڪجهه ڏوڪڙ ڪمائي ٿو. |
| اُجورو | معاوضو |
| جملو | مزدور کي پگهر سُڪڻ کان اڳ اُجورو ڏنو وڃي. |
| عارُ | انڪار |
| جملو | پورهئي کان ڪڏهن به عار نه ڪرڻ گهرجي. |
| آسائش | سهولت |
| جملو | اَجوڪي دؤر ۾ مزدور کي هر قسم جي آسائش ڏني وئي آهي. |
| پورهيو | ڪم، مزدوري |
| جملو | اَسان کي پورهيو ڪرڻ تي فخر ڪرڻ گهرجي. |

سبق 6



# سَچُ تہ بيٺو نَچُ

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| چوڻي | قول | نقصان | هاڃو |
| ڪاميابي | فتح | بندوبست | انتظام |
| چوُلو | قميض | سدائين | هميشہ |
| ڏُوڙ | مِٽي | دراصل | حقيقت ۾ |

### سبق جو خلاصو

سچ ۽ ڪوڙ هڪبئي جا مخالف گڻ آهن. سچ ساراهيل آهي ۽ ڪوڙ ڌڪاريل آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ هيءَ چوڻي مشهور آهي تہ ”سچ تہ بيٺو نچ، ڪوڙ جي مُنهن ۾ ڌوڙ“. سچ هڪ اهڙي طاقت آهي، جنهن کي ٻي ڪابہ طاقت هاڃو رسائي نٿي سگهي. سچ جي هميشہ فتح ٿيندي آهي.

حضرت سيد عبدالقادر جيلاني جنهن کي ”پيران پير“ بہ سڏيندا آهن، جڏهن ننڍو هو تہ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ بغداد وڃڻ لاءِ تيار ٿيو. هڪ قافلو، جيڪو بغداد پئي ويو، ان سان پاڻ بغداد وڃڻ جو ارادو ڪيائين. سندس والده هن جي چولي ۾ چاليهہ اشرفيون سبيون ۽ چيائينس تہ چا بہ ٿي پوي، ڪوڙ ڪڏهن بہ نہ ڳالهائجانءِ. اتفاق سان رستي ۾ ڌورن اچي قافلي کي لُٽيو. هڪ ڌوروءَ هن کان پڇيو تہ ڇوڪرا تو وٽ بہ ڪجهہ آهي؟ پاڻ جواب ۾ چيائين تہ هائو! مون وٽ چاليهہ اشرفيون آهن. ڌورن مذاق سمجهي ۽ هن کي سردار وٽ وٺي آيا. سردار جي پڇڻ تي ننڍڙي

عبدالقادر ساڳيو جواب ڏنو. جڏهن ڪڙتو ڦاڙيائون ته ان ۾ برابر چاليهه اشرفيون سبيل هيون.

ڦورن جي سردار چيو ته تو اسان کي اها ڳالهه ڇو ٻڌائي، جڏهن ته اسان اهي اشرفيون نه پئي ڏنيون. ان تي ڇوڪري وراڻيو ته مون کي پنهنجي ماءُ ڪنهن به صورت ۾ ڪوڙ نه ڳالهائڻ جي هدايت ڪئي آهي.

ڦورن جو سردار اها ڳالهه ٻُڌي ڏاڍو پشيمان ٿيو ته هي ڇوڪرو ماءُ جو ايترو چيو ٿو مڃي، جڏهن ته اسان پنهنجي الله جو چيو نٿا مڃون. ڦورن جي سردار قافلي وارن جو لُٽيل مال انهن کي واپس ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ غلط ڪم ڪرڻ کان توبه ڪيائين.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. سفر تي اُسهڻ کان پهريان سيد عبدالقادرؒ کي ماءُ ڪهڙي نصيحت ڪئي؟

ج سفر تي اُسهڻ کان پهريان سيد عبدالقادرؒ کي ماءُ نصيحت ڪئي ته، ”پٽ چا به ٿي پوي سچ ڳالهائج، ڪوڙ ڪڏهن به نه ڳالهائج.“

2. سيد عبدالقادرؒ بغداد ڇا لاءِ پئي ويو؟

ج سيد عبدالقادر بغداد تعليم لاءِ پئي ويو.

3. سچ ڳالهائڻ بابت سنڌيءَ ۾ ڪهڙي چوڻي مشهور آهي؟

ج سچ ڳالهائڻ بابت سنڌيءَ ۾ هيءَ چوڻي مشهور آهي سچ ته بيٺو نچُ، ڪُوڙ جي مُنهن ۾ ڌوڙ.“

4. ڦورن جي سردار تي سيد عبدالقادر رحه جي سچ ڳالهائڻ جو ڪهڙو اثر پيو؟

ج ڦورن جو سردار، سيد عبدالقادر رحه جي سچ ڳالهائڻ تي حيران ۽ پشيمان ٿيو ۽ سوچڻ لڳو ته هي ٻار ماءُ جي چوڻ تي عمل ڪري

ڪوڙ نٽو ڳالهائي،جڏهن تہ اَسان اَللہ جي حڪمن ڪي بہ نہ ٿا مڃون.

5. هن سبق مان اسان کي ڪهڙي نصيحت ملي ٿي؟

ج. هن سبق مان اَسان کي اها نصيحت ملي ٿي تہ اَسان کي بہ سدائين سچ جو ساٿ ڏيڻ کپي ڇو تہ سچ هڪ طاقت آهي ۽ ڪوڙ کي پير نہ هوندا آهن.

## ب هيٺيان خال ڀريو:

1. سچ کي هميشہ ڪاميابي ملندي آهي.
2. بغداد ويندڙ قافلي سان گڏ هِن کي بہ موڪلڻ جو بندوبست ڪيو ويو.
3. سفر تي رواني ٿيڻ کان اڳ خرچ پکي لاءِ سندس والده چوڻي ۾ چاليهہ سونيون مُهرون بہ سبي ڇڏيون.
4. رستي ۾ ڌاڙيلن قافلي کي روڪي سڀني کان روڪ رقم ۽ زيورات وغيره ڦريائون.
5. ڌاڙيلن جي سرڪردي سمجهيو تہ ٻار مون سان چرچو ٿو ڪري.

## ج هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| سچ | ڪوڙ | سدائين | ڪڏهن ڪڏهن |
| ڪاميابي | ناڪامي | شهر | ڳوٺ |
| اصل | نقل | طاقتور | ڪمزور |

## د لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| گمان | شڪ |

جملو: ڌاڙيل چيو تہ ”تو ۾ تہ ڪو گمان بہ نہ هو پوءِ تون سچ ڇو ڳالهايو.“

| قافلو | لشڪر |
|---|---|

**جملو** جڏهن قافلو روانو ٿيو ته ڦورن روڪ رقم ۽ زيورات ڦريائون.

| فتح | ڪاميابي |
|---|---|

**جملو** سچ کي هميشه فتح ملندي آهي.

| نصيحت | هدايت |
|---|---|

**جملو** عبدالقادرؒ کي ماءُ سچ ڳالهائڻ جي نصيحت ڪئي هئي.

| اُسهڻ | روانو ٿيڻ |
|---|---|

**جملو** سفر تي اُسهڻ کان پهريان سيد عبدالقادرؒ کي ماءُ هڪ نصيحت ڪئي.

## ر هيٺين لفظن جا جمع لکو.

| واحد | جمع | واحد | جمع |
|---|---|---|---|
| ٻولي | ٻوليون | ڪاميابي | ڪاميابيون |
| مُهر | مُهرون | منزل | منزلون |
| قافلو | قافلا | چرچو | چرچا |

سبق 7

# سوپارو ساٿيهه

 

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| سوپارو | ڪامياب | ساٿيهه | وطن |
| نظارو | منظر | ديس | ملڪ |
| شاداب | سرسبز | لاٽ | ٻولي |
| چهڪن | خوش ٿين | ملهارو | سهڻو |
| | اداسي | غمي | |

## بيتن جي سمجهاڻي

سوپارو ساٿيهه آ پيارو،
هن جو وڻندڙ روپ نظارو.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو ته اسان جو پيارو وطن سوڀ وارو آهي، ۽ هن جو روپ ۽ نظارو ڏاڍو وڻندڙ آهي.

صبح جو منظر پيارو پيارو،
سهڻن، سهڻن، رنگن وارو،
سرسبز و شاداب وطن آ،
ساوڪ ساوڪ هرهڪ پارو.

**سمجهاڻي**: هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو تہ اسان جي ديس جي صبح جو منظرتمام پيارو آهي ۽ سهڻن رنگن وارو آهي. اسان جو وطن ڏاڍو خوشحال آهي ۽ هرهڪ رستي تي ساوڪ ئي ساوڪ آهي.

شام هتان جي آهي سهڻي،
سهڻي سهڻي ۽ من مهڻي،
ڳالهہ هتان جي ڪيان مان ڪهڙي،
ديس اسان جو سهڻو سارو.

**سمجهاڻي**: هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو تہ اسان جي پياري ديس جي شام بہ ڏاڍي سهڻي آهي، جيڪا دل کي وڻي ٿي. هتان جي ڪهڙي ڪهڙي ڳالهہ مان ڪيان، اسان جو سڄو ديس ڏاڍو سهڻو آهي.

رات جو چنڊ، ستارا ٽمڪن،
اونداهيءَ ۾ پيا ٽا چمڪن،
روشنين ۾ چهرا ڇهڪن،
روشن آهي هرهڪ چارو.

**سمجهاڻي**: هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو تہ رات جو چنڊ ۽ ستارا ٽمڪن ٿا ۽ اونداهيءَ ۾ روشني ٿا ڪن. اسان جي ديس جو هرهڪ رستو روشن آهي.

ڇوڏاري هت گل گلابي،
موتيو، مگرو ۽ چنبيلي،
خوشبوءِ پياري آ رابيلي،
يونئر گلن تي ڏي لامارو.

**سمجهاڻي**: هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو تہ اسان جي ملڪ ۾ هر طرف گل آهن، موتيو، مگرو ۽ چنبيلي. رابيل گل جي ڏاڍي پياري خوشبوءِ آهي، جنهن جي خوشبوءِ تي يونئر بہ لامارا ٿو ڏئي.

لات پکيئڙا ٻولين سچي،

پرڙا ڪولي اُڏرن پنڇي،
دل تان دور ٿئي ٿي اداسي،
پنهنجو ”تصور“ ملڪ ملهارو.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو ته اسان جي ديس ۾ پيارا پکي آهن، جيڪي پياريون ٻوليون ڳالهائن ٿا. انهن جون پياريون ٻوليون ٻُڌي دل تان اداسي لهي وڃي ٿي. اسان جو ملڪ خوشحال ۽ پيارو ملڪ آهي.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. وطن جو صبح ڪهڙو آهي؟

ج: وطن جو صبح پيارو ۽ سهڻن رنگن وارو آهي.

2. رات جي وقت ڪهڙو منظر هوندو آهي؟

ج: رات جي وقت چنڊ ۽ ستارا پيا ٽمڪندا آهن، خوبصورت منظر هوندو آهي.

3. هن نظم ۾ ڪهڙن گلن جا نالا آيل آهن؟

ج: هن نظم ۾ گلاب جي گل، موتيي، مگري، چنبيلي ۽ رابيل جي گلن جا نالا آيل آهن.

### ب هيٺيان بيت مڪمل ڪريو.

1. صبح جو منظر ___پيارو پيارو___
2. ساوڪ ساوڪ ___هر هڪ پارو___
3. ___شام هتان جي___ آهي سهڻي
4. رات جو ___چنڊ، ستارا ٽمڪن___
5. روشنين ۾ ___چهرا چهڪن___

## ج هيٺين لفظن جا جمع لکو.

| جمع | واحد | جمع | واحد |
|---|---|---|---|
| چارا | چارو | سويارا | سويارو |
| وطنَ | وطن | سهٽا | سهٽو |
| | | نظارا | نظارو |

## ڊ لفظن جي معنيٰ لکيو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| منظر | ڏيک |
| جملو | صبح جو منظر ڏسڻ وٽان هوندو آهي. |
| روپ | صورت |
| جملو | اَسان جي وطن جو روپ نظارو وٽندڙ آهي. |
| ساٽيهه | ڏيهه |
| جملو | اَسان جو ساٽيهه سويارو آهي. |
| شاداب | خوشحال |
| جملو | اَسان کي پنهنجي وطن کي شاداب رکڻ گهرجي. |

سبق 8

# ماحوليات




## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| موجوده | هاڻوڪو | جهت | جلدي |
| ٻُڌتيءَ جوڳو | پريشانيءَ وارو | سلامت | محفوظ |
| علاوه | سواءِ | لاڳيتو | لڳاتار |
| نيڪال | نڪرڻ جو رستو | نقصانڪار | نقصان پهچائيندڙ |
| حڪومت | حڪمراني | سهڪار | مدد |
| سنجيدگي | غور و فڪر | ڀاڱي | حصي |
| پائيوار | ڀاڱيوار | | |

### سبق جو خلاصو

ماحوليات اسان جي آسپاس وارو ماحول آهي، جنهن ۾ اسين ساهه کڻون ٿا يا جنهن ۾ اسين رهون ٿا. جيڪڏهن اهو ماحول صاف هوندو ته اسان جي صحت سلامت رهندي، پر جيڪڏهن ماحول گندو هوندو ته اسين بيمارين ۾ وڪوڙجي ويندا سين. اسان جو ماحول ڏينهون ڏينهن گدلو ٿيندو ٿو وڃي.

اڄ جو انسان پنهنجي صنعتي ترقيءَ تي فخر ٿو ڪري. هن وڏيون مشينون ايجاد ڪري وقت تي سوڀ پاتي آهي. هو سمنڊ ۽ فضا کي به فتح ڪري چڪو آهي، پر انهيءَ سائنسي ۽ صنعتي ترقيءَ جتي انسانن کي ڪيتريون ئي سهولتون مهيا ڪيون آهن، اتي ڪيترائي مسئلا به پيدا ڪيا آهن. ان ڏس ۾ توهين جنهن شهر يا وطن ۾ رهو ٿا، انهيءَ جو مثال کڻي ونو. اهي شهر جتي وڏا وڏا صنعتي مرڪز آهن، اتي انهن جي حالت وڌيڪ خراب آهي. ملن، ڪارخانن ۽ فيڪٽرين مان نڪرندڙ دونهون لاڳيتو فضا کي خراب ڪري رهيو آهي. انهن ڪارخانن جي ڪم آيل گندي تيل ۽ ڪيميڪل جو به مناسب بندوبست ٿيل نه آهي، انهيءَ ڪري اهو گندو ڪم آندل تيل ۽ ڪيميڪل ندين، دريائن ۽ سمنڊ ۾ نيڪال ڪيو وڃي ٿو. انهن ندين ۽ دريائن جو پاڻي، اسين استعمال ڪريون ٿا. ظاهر آهي ته اهو پاڻي اسان جي صحت لاءِ نقصانڪار آهي.

وڏن شهرن ۾ جتي ٽرئفڪ جو گوڙ اسان جي ٻُڌڻ جي سگهه کي ڪمزور ڪري ٿو، اتي ٽرئفڪ جو دونهون اسان جي اکين ۽ ساهه جي سرشتي تي اثر وجهي، بيماريون پيدا ڪري ٿو.

اُسريل ملڪن انهيءَ مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ ڪافي ڪوششون ورتيون آهن. اسرندڙ ملڪن ۾ پڻ هن مسئلي جي حل لاءِ ويچاريو پيو وڃي. هي رڳو حڪومت جو مسئلو نه آهي، پر اسان مان هر ڪنهن جو فرض آهي ته اسين ان مسئلي جي حل ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيون. سڀ کان پهريان ته اسين پنهنجي ويجهڙائيءَ واري ماحول تي ڌيان ڏيون، ان کي صاف سٿرو بڻايون ۽ پنهنجي ذات، گهر، گهٽي، پاڙي، ڳوٺ يا شهر جي ماحول کي گدلي ٿيڻ کان بچايون.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. اڄ جو انسان ڇا تي فخر ٿو ڪري؟

ج. اَڄ جو انسان پنهنجي صنعتي ترقيءَ تي فخر ٿو ڪري.

2. ماحوليات ڇا کي چئبو آهي؟

ج. اَسان جي آس پاس واري ماحول کي جنهن ۾ اَسين رهون ٿا يا جنهن ۾ اَسين ساهه کڻون ٿا ماحوليات چئبو آهي.

3. جيڪڏهن ماحول گندو هوندو ته اسان کي ڪهڙو نقصان ٿيندو؟

ج. جيڪڏهن ماحول گندو هوندو ته اَسين بيمارين ۾ وڪوڙجي ويندا سين.

4. پنهنجي ماحول کي گندي ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

ج. پنهنجي ماحول کي گندي ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ اَسان کي پنهنجي گهر، گهٽي، پاڙي، شهر يا ڳوٺ جي ماحول کي گدلي ٿيڻ کان بچائڻ گهرجي.

### ب هيٺيان خال ڀريو:

1. ماحول جي ___گدلاڻ___ ڏينهون ڏينهن وڌي رهي آهي.
2. اسان کي پنهنجي گهر، پاڙي ۽ ملڪ کي ___صاف___ رکڻ گهرجي.
3. جيڪڏهن اسان جو ماحول صاف سٿرو هوندو، ته اسان جي صحت ___سلامت___ رهندي.
4. اسان وڏيون وڏيون مشينون ايجاد ڪري وقت تي ___سوڀ___ پاتي آهي.
5. فضا ۾ سوين ٽن وزني لوهه کي هوائي جهاز جي صورت ۾ اڏاري ___فضا___ کي فتح ڪيو آهي.

## ج لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| هاجو | نقصان |
| جملو | جيڪڏهن اَسان ماحول کي صاف نہ رکنداسين تہ هاجو |
| سوڀ | فتح |
| جملو | اَسان وڏيون مشينون ايجاد ڪري وقت تي سوڀ پاتي آهي. |
| نظام | سرشتو |
| جملو | |
| ڪيترائي | گهڻائي |
| جملو | اَجوڪي دؤر ۾ سائنس ڪيترائي اوزار ناهيا آهن. |

## د هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| موجوده | گذريل | فتح | شڪست |
| نوان | پراڻا | ترقي يافتہ | پوئتي پيل |
| گندو | صاف | ترقي | تنزلي |

## ر صحيح جملي جي سامهون ”ص“ ۽ غلط جملي جي سامهون ”غ“ لکو.

1. موجوده دنيا کي ترقي يافتہ دنيا سمجهو وڃي ٿو. ص
2. ماحوليات اسان جي پري پري وارو ماحول آهي. غ
3. جيڪڏهن اسان جو ماحول صاف سٿرو هوندو، تہ اسان جي صحت خراب رهندي. غ

4 ان کان علاوه ريل گاڏي، ٽرڪ، ڪار ۽ ٻيون گاڏيون ٺاهي انسان فاصلن کي گھٽائي ڇڏيو آهي. ص

5 مختلف ڪيميڪلز ايجاد ڪري انسان، سهولتن جو انقلاب برپا ڪري ڇڏيو آهي. ص

سبق 9

# شهري بچاءَ جي سکيا



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| جنگيون | لڙايون | اڳئين | گڏريل |
| زماني | دور | قلعا | ڪوٽ |
| تباهه | برباد | جانيون | حياتيون |
| خبردار | هوشيار | ٽريننگ | تربيت |
| روشني | سوجهرو | رسيو | پهتو |
| مختلف | جدا | حوصلي | همت |
| هدايتون | نصيحتون | بچاءُ | حفاظت |
| خاڪ | مٽي | سکيا | تربيت |

## سبق جو خلاصو

پراڻي زماني ۾ جيڪي جنگيون ٿينديون هيون، تن ۾ تلوارون، تير، گرز ۽ ڀالا ۽ برڇيون وغيره جنگي هٿيارن طور استعمال ٿينديون هيون. انهيءَ وقت شهري بچاءَ لاءِ قلعا ٺهرايا ويندا هئا ۽ دشمن کان بچاءَ لاءِ انهن جي ٻاهران کاهيون کوٽيون وينديون هيون، پر اڄڪلهه صورتحال

بلڪل مختلف آهي. هاٽي تہ ائٽم بم، هئڊروجن بم ۽ ميزائل نهي ويا آهن، جيڪي هڪ پل ۾ تمام وڏي تباهي آڻي سگهن ٿا. انهيءَ ڪري اڄ نہ اهي قلعا بچاءُ ڪري سگهن ٿا ۽ نہ وري ڪاهيون ڪارگر ٿي سگهن ٿيون. شهرين طرفان پنهنجو بچاءُ پاڻ ڪرڻ ۽ ساڳئي وقت فوج جي ممڪن مدد ڪرڻ کي سول ڊفينس يا ”شهري بچاءُ“ سڏيو وڃي ٿو.

موجوده وقت ۾ شهري بچاءَ جون تنظيمون هر ملڪ ۾ قائم ٿي چڪيون آهن، جيڪي ضرورت وقت پنهنجو فرض ادا ڪنديون رهن ٿيون.

اهڙي قسم جي تنظيم ٽن مکيہ ڀاڱن ۾ ورهايل هوندي آهي:

(1) خبردار ڪندڙ عملو.

(2) امداد ڪندڙ عملو.

(3) خلق جي خدمت ڪندڙ عملو.

خبردار ڪندڙ عملو شهرين کي هوائي حملي وقت گهگهوءَ ذريعي اطلاع ڏيندو آهي، جنگ جي دوران بليڪ آئوٽ ڪرائيندو آهي.

جڏهن دشمن جي حملي ۾ انساني جانين کي نقصان رسندو آهي، تڏهن امداد ڪندڙ عملو انهن جي مدد ڪندو آهي.

خلق جي خدمت ڪندڙ عملو وري هوائي حملي يا ٻئي ڪنهن حادثي ۾ فوت ٿيل ماڻهن جي ڪفن دفن جو بندوبست ڪندو آهي ۽ جيڪڏهن رستا يا گهٽيون بند ٿي وينديون آهن تہ انهن کي صاف ڪرائي آمدورفت جي لائق بڻائيندو آهي.

مطلب تہ هنگامي حالت ۾ سِول ڊفينس، يعني شهري بچاءَ جي سکيا تمام ضروري آهي. اسان کي بہ گهرجي تہ اسين اهڙي سکيا وٺي ملڪ ۽ قوم جي خدمت ڪريون.

# مشق

## ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. اڄ جي جديد دؤر ۾ ڪهڙا هٿيار لڙائيءَ ۾ ڪم اچن ٿا؟

ج. اَڄ جي جديد دؤر ۾ راڪيٽ لانچر، ائٽم بم، هائڊروجن بم ۽ ميزائيل وغيره لڙائيءَ ۾ ڪم اَچن ٿا.

2. هوائي حملي جي وقت ڪيئن بچاءُ ڪجي؟

ج. هوائي حملي جي وقت ڪوٺيل کاهين يا تهه خانن ۾ پناهه وٺجي، پر جيڪڏهن تهه خانا يا کاهيون موجود نه هجن ته پوءِ کليل ميدان تي ٻاهر نڪري، مُنهن پر سمهي رهجي ۽ ڏندن جي وچ ۾ ڪپڙو جهلجي.

3. سول ڊفينس جو ڪهڙو عملو ماڻهن جي ڪفن دفن جو بندوبست ڪندو آهي؟

ج. سول ڊفينس جو ”خلق جي خدمت ڪندڙ عملو“ ماڻهن جي ڪفن دفن جو بندوبست ڪندو آهي.

4. سول ڊفينس جي سکيا ڇو ضروري آهي؟

ج. هنگامي حالتن کي مُنهن ڏيڻ لاءِ سول ڊفينس جي سکيا تمام ضروري آهي .

## ب هيٺيان خال ڀريو:

1. ڪائي به جنگ دنيا جو ___اَمن___ تباهه ڪندي آهي.
2. خطري جي سائرن وڄڻ سان مڪمل ___خاموشي___ ڪري ڇڏين.
3. جنگ دؤران ___امداد ڪندڙ___ جو عملو حرڪت ۾ اچي ويندو آهي.
4. هوائي ___حملي___ ٿيڻ وقت هيءُ عملو گهگهوءَ ذريعي اطلاع ڏيندو آهي.
5. ___بليڪ آئوٽ___ جي معنيٰ آهي روشني نه ڪرڻ.

## ج صحيح جملي جي سامهون ”ص“ ۽ غلط جملي جي سامهون ”غ“ لکو.

1. دشمن کي روڪڻ لاءِ قلعن جي ٻاهران کاهيون کوٽايون وينديون هيون. ص
2. هاڻي جنگ جو تصور ئي تبديل ٿي ويو آهي. ص
3. هاڻوڪي دنيا کي سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي دنيا سڏيو وڃي ٿو. ص
4. موجوده دؤر ۾ شهري بچاءَ جون تنظيمون هرهڪ ملڪ ۾ قائم ٿي چڪيون آهن. ص
5. هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ سول ڊفينس يعني شهر بچاءَ جي سکيا تمام ضروري آهي. ص

## د هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| امن | جنگ | ٻاهران | اندران |
| اڳئين | پوئين | برباد | آباد |
| ٿاڌيا | ڊاهيا | فائدو | نقصان |

## ر لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| بچاءُ | حفاظت |

جملو: شهرين طرفان پنهنجو بچاءُ پاڻ ڪرڻ ۽ ساڳئي وقت فوج جي ممڪن مدد ڪرڻ کي سول ڊفينس چيو ويندو آهي.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| نقص | عيب |

جملو: ڪنهن به ماڻهوءَ جو نقص نه ظاهر ڪرڻ گهرجي.

| يڪدم | هِڪدم |
| --- | --- |
| جملو | جيڪڏهن هوائي حملي ۾ ماڻهو فوت ٿي ويندو آهي ته يڪدم هي عملو ان جي ڪفن جو بندوبست ڪندو آهي. |
| ڪاهي | ڪڏ |
| جملو | حملي جي دؤران ماڻهوڪوٽيل ڪاهي ۾ وڃي پناهه وٺندا آهن. |
| تندرستي | صحت |
| جملو | تندرستي هزار نعمت آهي. |

# سُهائي راتڙي



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | | |
|---|---|---|---|
| سُهائي | روشني | | |
| راتڙي | رات | | |
| بر | ريگستان | | |
| چهرو | مُنهن، مُک | | |
| ماحول | وايو مندل | | |
| سَنوارڻ | سدارڻ | بوجھ | مونجھ، وزن |
| پُرنُور | نور سان ڀريل | پُرلطف | مزيدار |
| پچارڻ | ياد ڪرڻ | مهل | وقت |
| | اڱڻ | پڌر | |

## بيتن جي سمجھاڻي

ڪيئن گهر، بر، ٽر اجاري ٿي سهائي راتڙي،

ساري اونداهي ٻُهاري ٿي سهائي راتڙي.

**سمجھاڻي:** هن شعر ۾ شاعر ”نديم تصور“ چانڊوڪيءَ واري رات جو ذڪر ڪندي چوي ٿو ته ڪيئن نه اسان جي گهر توڙي ويراني کي روشن ٿي ڪري ڇڏي ۽ سڄي اونده کي مِٽائي ٿي ڇڏي.

هر نندي وڏڙي جي چهري تي نظر خوشيون اچن،
پيار سان ماحول سنواري ٿي سهائي راتڙي.

**سمجهاڻي**: هن شعر ۾ شاعر "نديم تصور" چانڊوڪيءَ واري رات جو ذڪر ڪندي چوي ٿو تہ ان رات جو هرهڪ ننڍو يا وڏو خوش نظر ايندو آهي ۽ پيار وارو ماحول بڻجي ويندو آهي.

دل مٿان جو بوجهہ هوندو آهي اوندهہ جي ڪري،
بوجهہ سو دل تان اتاري ٿي سهائي راتڙي.

**سمجهاڻي**: هن شعر ۾ شاعر "نديم تصور" چانڊوڪيءَ واري رات جو ذڪر ڪندي چوي ٿو تہ اوندهہ جي ڪري جيڪو اسان جي دل مٿان بوجهہ محسوس ٿيندو آهي، اهو ان چانڊوڪيءَ جي ڪري لهي ويندو آهي ۽ دل خوش ٿي ويندي آهي.

ائين هڪٻئي جي خوشين جو سبب بڻجي پئون،
جيئن چاهت کي پچاري ٿي سهائي راتڙي.

**سمجهاڻي**: هن شعر ۾ شاعر "نديم تصور" چانڊوڪيءَ واري رات جو ذڪر ڪندي چوي ٿو تہ جيئن اها رات هر ڪنهن لاءِ روشني ۽ پيار جو ڪارڻ بڻجي ٿي، ساڳيءَ طرح اسان بہ هڪٻئي جي لاءِ خوشين جو سبب بڻجي پئون.

زندگي پرلطف ۽ پرنور لڳندي آ گهڻي،
جنهن مهل چؤڏار نهاري ٿي سهائي راتڙي.

**سمجهاڻي**: هن شعر ۾ شاعر "نديم تصور" چانڊوڪيءَ واري رات جو ذڪر ڪندي چوي ٿو تہ جهڙي وقت اها چانڊوڪيءَ واري رات هوندي آهي، تہ اسان جي زندگيءَ ۾ پڻ مزو ۽ روشني هوندي آهي.

آهي قدرت جي "تصور" مهرباني هيءَ گهڙي،
اڳڻ ساري کي نکاري ٿي سهائي راتڙي.

**سمجهاڻي**: هن شعر ۾ شاعر "نديم تصور" چانڊوڪيءَ واري رات جو ذڪر

ڪندي چوي ٿو تہ اها چانڊوڪيءَ واري رات قدرت جي طرفان هڪ اسان لاءِ هڪ تحفو آهي. چانڊوڪي رات اسان جي گهر جي اڱڻ ڪي بلڪ سڄي زمين ڪي نڪاري ٿي ڇڏي.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. گهر جي اڱڻ ڪي ڪير ٿو نکاري؟

ج. گهر جي اڱڻ ڪي سهائي راتڙي نکاري ٿي.

2. شاعر ڪنهن ڪي قدرت جي مهرباني ٿو سمجهي ۽ ڇو؟

ج. شاعر سُهائي راتڙيءَ ڪي قدرت جي مهرباني ٿو سمجهي ڇو تہ سهائي راتڙي چانڊوڪي ڪري ٿي.

3. سهائي راتڙيءَ مان اسان ڪي ڪهڙو سبق ملي ٿو؟

ج. سهائي راتڙيءَ مان اسان ڪي هي سبق ملي ٿو تہ هميشہ چنڊ جيان اسان بہ جهالت ۾ عِلم جي روشني ڦهلايون.

### ب هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| سنواري | بگاڙي | ننيو | وڏو |
| پرلطف | بي مزا | اونداهي | روشني |
| زندگي | موت | خوشي | غم |

## ج لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| مهل | وقت |
| جملو | رات جي مهل آسمان تارن سان ڀريو پيو هوندو آهي. |
| پرنور | روشنيءَ سان ڀريل |
| جملو | سُهائي راتڙي پُر نور ۽ پُر لطف هوندي آهي. |
| ٻوجھ | بار |
| جملو | اوندھ جي ڪري ماڻهوءَ کي دل تي ٻوجھ محسوس ٿيندو آهي. |
| ٻهاري | صاف ڪري |
| جملو | سُهائي راتڙي ساري اونداهيءَ کي ٻهاري ڇڏي ٿي. |
| اگھڙ | پڌر |
| جملو | اگھڙ کي بہ روشن سهائي راتڙي ڪري ٿي. |